پاڪستان اسٽيٽ آئل

# Biodiesel Initiative



## fuel for the future generation




**Pakistan State Oil**

New Business Development Department
2nd Floor, PSO House
Khayaban-e-Iqbal, Clifton, P.O.Box-3983,
Karachi-75600, Pakistan

Phone: (92 21) 99203866-85
Fax: (92 21) 35636433
Website: www.psopk.com
Email: biodiesel@psopk.com



Noorani
Date: 17/04/09


## پي ايس او جو قدم
## گدلاڻ کان پاڪ پاڻ تي ڀاڙيندڙ پاڪستان
## ڏانهن قدم

بائيو ڊيزل ٻيهر استعمال ٿيندڙ ماحول دوست ۽ پيٽرول ڊيزل فيول جو نعم البدل ٻارڻ آهي. هي جٽروفا ڪرڪس جي ٻوٽي مان حاصل ڪيو ويندو آهي، جيڪو سخت، خودرو، تيل جي ٻج وارو سدا بهار ٻوٽو آهي. پاڪستان ۾ ان ٻوٽي جي پوک لاءِ ماحول سازگار آهي. بائيو ڊيزل حاصل ڪرڻ لاءِ معاشي، ماحولياتي، ۽ قومي مفادن جي صورت ۾ ڪيترائي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا.

پي ايس او جو ڌيان ان ٻوٽي ڏي خام مال ۾ ملڪ جي وڏي حصي تي موجود اڻ پوکيل زمين کي پوکيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ تي آهي. اهڙن قدمن سان روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ اسين قوم جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهنداسين. پي ايس او، AEDB جي بائيو ڊيزل مشاورتي ڪميٽي جو اهم ميمبر آهي. اها ڪميٽي نيشنل بائيو ڊيزل پروگرام جي روڊ ميپ تي ڪم ڪري رهي آهي. ان حيثيت سان PSO يقين رکي ٿي ته بائيو ڊيزل روڊ ٽرانسپورٽيشن ۽ پاور جنريشن فيولز ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. ان ڪانسواءِ ان جي استعمال سان ايندڙ سالن ۾ ڪاربن جي اخراج ۾ گهٽتائي ٿيندي ۽ ماحوليات جو تحفظ ٿيندو.

# بائيو ڊيزل ڇا آهي؟

بائيو ڊيزل قابلِ تجديد، ماحول دوست ۽ پيٽرول ڊيزل فيول جو متبادل پارڻ آهي. هي کاڄرو ۽ غير کاڄرو تيل ۽ جانورن جي چربي مان حاصل ڪيو ويندو آهي. بائيو ڊيزل جو آميزو ڊيزل انجن ۾ بنا تبديلي ڪري ان ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

# بائيو ڊيزل جا فائدا ؟

## معاشي

- قيمتي مٽاسٽا واري ناڻي جي بچت ۽ آمدني.
- اضافي نوڪرين ذريعي غربت ۾ گهٽتائي.
- نو بتي/اڻ پوکيل زمين جو استعمال.

## قومي سلامتي

- درآمد ٿيل آئل تي گهٽ پاڙڻ.
- مسلسل دستياب ۽ قابل تجديد جو مقامي ذريعو.

## ماحوليات

- $CO_2$ جو اٽڪل 80% گهٽ اخراج.
- اٽڪل 100% گهٽ سلفر ڊائي آڪسائيڊ.
- اڻ پريل هائيڊرو ڪاربن ۾ 90% گهٽتائي
- هائيڊرو ڪاربن ۾ 75% کان 90% گهٽتائي
- ذرڙن ۽ ڪاربن مونو آڪسائيڊ ۾ گهٽتائي.
- پاڻي جي ذخيرن کي ختم ٿيڻ کان بچائڻ.

## ميڪينڪل

- اعليٰ لبريڪينٽ جي خاصيتن جو حامل.
- صفائي جي خاصيتن ۾ اضافو.

# پي ايس او جي حڪمت عملي

- پي ايس او جو ڌيان هيٺ ڏنل معاملن تي آهي:
- غير کاڄرو ٻوٽن جا ٻج خام مال طور استعمال ڪرڻ.
- غذائي فصلن سان مقابلو نہ ڪرڻ.
- ملڪ جي وڏي حصي تي موجود غير آباد زمين جو استعمال.
- زراعت لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻي جي زرعي ذخيرن جي حفاظت.
- گهٽ لاڳت تي بايو فيول جي تياري.
- روزگار جي موقعن جي فراهمي.



# جٽروفا ڪرڪس ڇا آهي؟

پي ايس او غير کاڄرو آئل طور تي جٽروفا ڪرڪس جي چونڊ ڪئي آهي ڇو تہ ان جو مقابلو غذائي يا فوري آمدن فصلن سان ناهي ۽ هي نو بتي ۽ غير آباد زمين ۾ اُپائي سگهجي ٿو.

## ان جون خاصيتون هيٺ ڏجن ٿيون:

- جٽروفا ڪرڪس سخت، خود ور، تيل جي ٻج وارو سدابهار ٻوٽو آهي.
- پاڪستان ۾ ان ٻوٽي جي پوکيءَ لاءِ ماحول سازگار آهي
- آئل جي مقدار 30% کان 35% هوندو آهي. ٻوٽي جي عمر اٽڪل 40 کان 50 سال ٿئي ٿي.



- پوکيءَ لاءِ ڪنهن خاص مهارت جي ضرورت ناهي هوندي.
- نو بتي (آبادي لائق نہ) زمين تي بہ سٺو پوکي سگهجي ٿو ۽ پاڻي جي ضرورت بہ گهٽ پوندي آهي.
- گهٽ سٽيو (گهٽ گهاٽو)
- پيٽرول ڊيزل سان بہ سٺي نموني حل ٿي وڃي ٿو.

# بائيو ڊيزل پاران پي ايس او جي پيش رفت

پي ايس او جٽروفا ڪرڪس جي پيداوار ۾ نمايان پيش رفت ڪري چڪي آهي ۽ هاڻي اسين بائيو ڊيزل ٺاهڻ کان وٺي ان جي عملي استعمال تائين سمورن مرحلن ۾ اڳتي کان اڳتي وڌي رهيا آهيون. اسان نهايت ڪاميابي سان گڏ ان جي پوکي کان وٺي بائيو ڊيزل بنائڻ تائين اهو نئون منصوبو پنهنجي پڇاڙي تائين پهچائي چڪا آهيون.

